SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2020

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2020

# سنڌ COVID_19 ايمرجنسي رليف آرڊيننس، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF ORDINANCE, 2020

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.رليف

Relief

4.ڏنڊ

Penalty

5.ڊيوٽيز وغيره سرانجام ڏيڻ لاءِ عرصي جو واڌارو

Extension of period to perform duties, etc

6.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding Effect

7.قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules
8.ڇوٽ
Indemnity
9.رنڊڪ هٽائڻ
Removal of Difficulty
10.شيڊول جي ترميم
Amendment of Schedule
11.بااختيار بڻائڻ
Authorization
12.مدت
Validity

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2020

## سنڌ COVID_19 ايمرجنسي رليف آرڊيننس، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF ORDINANCE, 2020

[18 مئي 2020]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ ۾ ڦهليل ڪرونا وائرس (Covid_19) وبائي بيماري، جنهن صوبي جي آبادي کي خراب طرح ماريو، نقصان پهچايو يا متاثر ڪيو آهي، ان جي وڌندڙ ايمرجنسي صورتحال ۾ ماڻهن کي حڪومت طرفان عوام جي عام ڀلائي لاءِ بيماري جي پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ سڏيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت اختيار ڪيل اپائن يا کنيل قدمن ذريعي رليف فراهم ڪيو ويندو ۽ حڪومت طرفان سڄي سنڌ صوبي ۾ مڙهيل پابندي/لاڪ ڊائون سان پيدا ٿيندڙ چئلينز کي منهن ڏنو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ۾ ڦهليل ڪرونا وائرس (Covid_19) وبائي بيماري، جنهن صوبي جي آبادي کي خراب طرح ماريو، نقصان پهچايو يا متاثر ڪيو آهي، ان جي وڌندڙ ايمرجنسي صورتحال ۾ ماڻهن کي حڪومت طرفان عوام جي عام ڀلائي لاءِ بيماري جي پکڙجڻ کي روڪڻ لاءِ سڏيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت اختيار ڪيل اپائن يا کنيل قدمن ذريعي رليف فراهم ڪرڻ ۽ حڪومت طرفان سڄي سنڌ صوبي ۾ مڙهيل

پابندي/لاڪ ڊائون سان پيدا ٿيندڙ چئلينز کي منهن ڏيڻ ضروري ٿي پيو آهي.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين، 1973 جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| 1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ Covid_19 ايمرجنسي رليف آرڊيننس، 2020 سڏيو ويندو. | مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات<br>Short title, extent and commencement |
| (2) ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي. | |
| (3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين اپريل 2020 کان لاڳو سمجهيو ويندو. | |
| 2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين: | وصفون<br>Definitions |

(a) ”تعليمي ادارو“ مطلب ڪو پري اسڪول، ايليمينٽري يا سيڪنڊري اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، اعليٰ تعليمي ادارو، مدرسا يا ڪي ووڪيشنل، ڪمرشل، پروفيشنل پوءِ اهي پبلڪ يا پرائيويٽ سيڪٽر ۾ هجن، جيڪي فارمل يا نان فارمل تعليم فراهم ڪندا هجن؛

(b) ”ملازم“ مطلب اهو ماڻهو جيڪو آجر جي وصف ۾ نہ ايندو هجي، جيڪو ڪنهن اداري ۾ ملازم هجي سڌيءَ ريت يا ٺيڪيدار جي ذريعي ڪنيل هجي، پوءِ

ان جي ملازمت جا شرط بيان ڪيل هجن يا لاڳو ڪيل ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڏهاڙي تي مزدور؛

(c) ”آجر“ مطلب اداري جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو ماڻهو يا ماڻهن جي باڊي، پوءِ اها انڪارپوريٽيڊ هجي يا نہ هجي، جيڪو اداري ۾ ملازمت جي ٺيڪي تحت ملازم ڀرتي ڪري ۽ جنهن ۾ شامل آهي:

(i) جانشين، وارث، يا نامزد ڪيل، جيئن معاملو هجي، اهڙي ماڻهو يا باڊي جو جيڪو مٿي ڄاڻايو ويو آهي؛

(ii) ڪو ماڻهو جيڪو اداري جي انتظامن ۽ ضابطي لاءِ ذميدار هجي؛

(iii) حڪومت جي ڪنهن کاتي طرفان يا ان جي اختيار هيٺ هلندڙ ڪنهن اداري جي سلسلي ۾، ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل اٿارٽي، يا جتي اهڙيءَ ريت اٿارٽي مقرر ناهي ڪيل، کاتي جو سربراهہ؛

(iv) لوڪل اٿارٽي طرفان يا ان جي بدران هلندڙ ڪنهن اداري جي سلسلي ۾، ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل عملدار، يا اهڙو عملدار مقرر ناهي ڪيل تہ، ان اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر؛

(d) ”ادارو“ مطلب ڪا آفيس، فرم، فيڪٽري، سوسائٽي، انڊرٽيڪنگ، صنعت، هر قسم جي ڪمپني، تعليمي ادارو، دڪان، ريسٽرانٽ، ڪارپوريشن يا ڪا ٻي انٽرپرائيز جيڪا سڌيءَ ريت يا ٺيڪيدار ذريعي ڪارهنوار هلائڻ جي مقصد لاءِ يا صنعت لاءِ ملازم

پرتي ڪري ۽ جنهن ۾ شامل آهن سنڌ صوبي ۾ ان جا سمورا ڪاتا ۽ شاخون؛

(e) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) ”مالڪ“ مطلب احاطي جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو ماڻهو جيڪو وقتي طور احاطي جو ڀاڙو حاصل ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي؛

(g) ”احاطا“ مطلب عمارت يا زمين، ڀاڙي تي ڏنل هجي، پر ان ۾ هوٽل شامل ناهي؛

(h) ”بيان ڪيل طريقو“ مطلب طريقو جيڪو حڪومت طرفان جاڙايو ويو هجي، جنهن ۾ معطل ڪيل رقم لاڳاپيل ماڻهو يا شخصيتن طرفان اوڳاڙي ويندي؛

(i) ”بيان ڪيل عرصو“ مطلب عرصو جيڪو پهرين اپريل 2020 کان شروع ٿي رهيو هجي، ان تاريخ تائين جاري رهي جيڪا حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ختم ڪرڻ لاءِ اعلان ڪئي وڃي؛

(j) ”شيڊول“ مطلب هن آرڊيننس جو شيڊول؛

(k) ”ڪرائيدار“ مطلب ڪو شخص جيڪو سندس طرفان يا ان جي بدران ڪنهن ٻئي شخص طرفان ڪنهن احاطي جي قبضي يا والار لاءِ ڀاڙو ادا ڪرڻ جو پابند هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي:

(i) ڪو شخص جيڪو پنهنجي ڪرائيداري ختم ٿيڻ کانپوءِ احاطي جو قبضو يا والار جاري رکي ٿو؛

(ii) ڪرائيدار جي فوتگي کانپوءِ ڪرائيدار جا

وارث احاطي جو قبضو يا والار جاري رکن ٿا.

3.(1) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ذيلي دفعه (2) تحت سنڌ صوبي جي متاثر ماڻهن کي رليفس فراهم ڪيا ويندا.

رليف
Relief

(2) بيان ڪيل عرصي دوران:

(a) ڪو به تعليمي ادارو ٽوٽل ماهوار فيس جي (80 سيڪڙو) کان وڌيڪ چارج نه ڪندو. هن آرڊيننس تحت (20 سيڪڙو) برابر گهٽايل رليف امائونٽ ڪنهن به صورت ۾ يا ڪنهن موجود يا نئين هيڊ آف امائونٽ تحت رهتن طور نه اوڳاڙيو ويندو:

بشرطيڪ وڌيڪ اهو ته ڪنهن به شاگرد کي في جي صورت ۾ ڪنهن نقصان واري حالت ۾ نه رکيو ويندو. جيڪو اهو يا اها هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ ادا ڪري رهيو هيو يا رهي هئي.

(b) ڪو به ملازم يا مزدور ڪڍيو، لاٿو يا هٽايو نه ويندو ۽ ملازم کي آجر طرفان اداري جي بند رهڻ دوران پگهار ادا ڪئي ويندي، جيئن شيڊول-I ۾ ڄاڻايل آهي:

بشرطيڪ هي آرڊيننس ڪنهن آجر کي ملازم جي مڪمل پگهار ڏيڻ کان نه روڪيندو، جيڪڏهن اهو چونڊي ٿو:

بشرطيڪ وڌيڪ ته اداري جي بندش جو عرصو آجر طرفان ادائگي سان موڪل طور سمجهيو ويندو:

(c) رليف سمورن رهائشي ڪنزيومرز کي پاڻي ۽ سيوريج جي بلن ۾ شيڊول -II تحت فراهم ڪيو ويندو:

(d) مالڪ احاطي جي ڪل ڀاڙي جي پنجاهه سيڪڙو

اوڳاڙي موخر يا ملتوي ڪندو:

بشرطيڪ ساڳيو ان صورت ۾ لاڳو نہ ٿيندو تہ مالڪ بيواھہ آھي، معذور آھي يا بزرگ شھري آھي، جيئن سنڌ سينئر سٽيزن ايڪٽ، 2014 ۾ بيان ڪيو ويو آھي؛

بشرطيڪ وڌيڪ تہ ان تي ڪا جهل نہ هوندي، جيڪڏھن ڪرائيدار مالڪ کي مڪمل ماھوار ڀاڙو ڏيڻ چاھي.

(e) حڪومت صوبائي ٽيڪسز ڊيوٽيز فيس، سيس، ليويز ۽ چارجز ۾ ڇوٽ ڏئي سگھي ٿي، جيئن حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو ھجي؛

(f) حڪومت جي ڪاتن سان رجسٽرڊ نان گورنمينٽل آرگنائيزيشن (اين جي او) ھن آرڊيننس جي شروعات واري تاريخ کان پندرنھن ڏينھن اندر انھن ڪاتن کي انگ اکر فراھم ڪندي، جن سان اھا رجسٽرڊ آھي، پوري صوبي سنڌ اندر Covid_19 وبا جو خطرو گھٽائڻ لاءِ انھن طرفان ڪيل رليف سرگرمين جي تفصيلن کان آگاھہ ڪندي؛

(g) ٻيو ڪو رليف جيڪو حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ ڄاڻايو ويو ھجي.

(3) ذيلي دفعہ (2) تحت فراھم ڪيل رليفس حڪومت طرفان ڄاڻايل عرصي لاءِ ھوندا.

(4) ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ملتوي ڪيل رقم جي اوڳاڙي لاڳاپيل ماڻھن يا شخصيتن طرفان بيان ڪيل طريقي موجب ڪئي ويندي.

(5)حڪومت ضروري شين جا اگهه وڌائڻ يا ذخيرو ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ دفعه 11 تحت بااختيار بڻايل عملدار ذريعي اپاءَ وٺندي.

ڏنڊ
Penalty

4.(1) جيڪو به دفعه 3 جي گنجائشن جي پيڇڪڙي ڪري ته وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪنهن سزا ڪانسواءِ، موقعي تي دفعه 11 تحت بااختيار بڻايل ڪنهن عملدار کي ڪنهن عملدار، عملي طرفان شڪايت تي يا ڪنهن متاثر شخص طرفان لکت شڪايت تي ڏنڊ جي سزا جيڪا هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿي يا متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت جي ضبطگي يا ٻئي گڏ ٿي سگهن ٿا.

بشرطيڪ ڏنڊ مڙهڻ جي حڪم سان ان حڪم جي جاري ٿيڻ لاءِ لکت ۾ سبب شامل هوندا.

(2)ڏنڊ جي ادائگي نه ڪرڻ جي صورت ۾، ساڳيو سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جي ايڪٽ نمبر XVII) تحت لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙيو ويندو.

ڊيوٽيز وغيره سرانجام ڏيڻ لاءِ عرصي جو واڌارو
Extension of period to perform duties, etc

5.جتي، ڪنهن قانون، قاعدي، ضابطي، حڪم، ٺيڪي يا ٻي صورت ۾، ڪو قدم يا ڪا ڪارروائي ڪنهن عدالت يا آفيس يا ڪنهن قانوني، ريگيوليٽري، ٺيڪيدار يا ڪنهن ٻي ذميداري ۾ صوبي ۾ ڪنهن شخص طرفان ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي يا ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي، اهو قدم، ڪارروائي يا ذميداري مقرر وقت اندر ڪيل يا سرانجام ڏنل سمجهي ويندي، جيڪڏهن اهو بيان ڪيل عرصي جي ٽيهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪئي وئي هجي ۽ اهڙو ڪم، ڪارروائي يا ذميداري ادا ڪرڻ يا سرانجام ڏيڻ جو عرصو اهڙي عرصي لاءِ وڌايل سمجهيو ويندو.

**اوور رائيڊنگ افيڪٽ Overriding Effect**

6.هن آرڊيننس جون گنجائشون موثر هونديون، جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون، قاعدن، ضابطن، ججمينٽس يا ڪنهن ٻئي جي متضاد نه هجي.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules**

7.حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**چوٽ Indemnity**

8. ڪو به مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي ڪنهن شخص خلاف نه ڪئي ويندي جيڪڏهن ان هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪجهه ڪيو يا ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي.

**رنڊڪ هٽائڻ Removal of Difficulty**

9.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي ته، وڏو وزير اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ جي مقصد لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي، جيڪو اهو ضروري سمجهي.

**شيڊول جي ترميم Amendment of Schedule**

10.وڏو وزير سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن شيڊول کي تبديلي، واڌاري يا ان ۾ يا ان کان پوءِ ان ۾ ڪا داخلا ختم ڪرڻ لاءِ ترميم ڪري سگهي ٿو.

**بااختيار بڻائڻ Authorization**

11.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪاتن، ذيلي ڪاتن يا ڪنهن عملدار يا اٿارٽي کي هن آرڊيننس تحت اهڙا ڪم يا اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي.

**مدت Validity**

12.جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس، وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون، يا ڪنهن ججمينٽ، ڊڪري، يا عدالتي حڪم جي متضاد نه هجي، Covid_19 وبا جي سلسلي ۾ 20 مارچ

2020 ۾ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ جي تاريخ (بنهي ڏينهن سميت) وچ ۾ جاري ڪيل نوٽيفڪيشنز، حڪم، سرڪيولرز، ڪنهن شخص يا اٿارٽي يا فورم طرفان منتقل ڪيل، حاصل ڪيل يا استعمال ڪيل اختيار، هن آرڊيننس تحت شروع ڪيل، منعقد ڪيل، ڪيل، ڪنيل، منظور ڪيل، ٺاهيل، جاري ڪيل، منتقل ڪيل، حاصل ڪيل يا استعمال ڪيل سمجهيا ويندا ۽ ان سلسلي ۾ موثر هوندا ۽ هن آرڊيننس تحت موثر نمونې جاري ڪيل ۽ منظور ڪيل سمجهيا ويندا.

## شيڊول-I

(ڏسو سيڪشن (b)(2)(3)

| جريان نمبر | بيان ڪيل عرصي لاءِ ملازمن کي ڏني ويندڙ ماهوار پگهار | آجر طرفان ماهوار پگهار ۾ ڪٽوتي ڪئي ويندي |
|---|---|---|
| .1 | جتي پگهار 50,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | ڪا ڪٽوتي نہ |
| .2 | جتي پگهار 50,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 100,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 5 سيڪڙو |
| .3 | جتي پگهار 100,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 150,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 7.5 سيڪڙو |
| .4 | جتي پگهار 150,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 200,000 | 10 سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| .5 | جتي پگهار 200,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 300,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 12.5 سيڪڙو |
| .6 | جتي پگهار 300,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 400,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 15 سيڪڙو |
| .7 | جتي پگهار 400,000 رپين کان وڌيڪ هجي پر 700,000 رپين کان وڌيڪ نہ هجي. | 17.5 سيڪڙو |
| .8 | جتي پگهار 700,000 رپين کان وڌيڪ هجي. | 20 سيڪڙو |

## شيڊول_ II

## (ڏسو سيڪشن (3(2)(c)

| جريان نمبر | في چورس گز ايراضي (گهر/حصو) | بيان ڪيل عرصي لاءِ ماهوار بل ۾ ڇوٽ |
|---|---|---|
| .1 | 80 چورس گز تائين گهر | بل جي ڪا رقم ادا نہ ڪئي ويندي |
| .2 | 81_160 چورس گز تائين | بل جي 25 سيڪڙو رقم ادا ڪئي ويندي |

| | | |
|---|---|---|
| .3 | 161_240 چورس گز تائين | بل جي 50 سيڪڙو رقم ادا ڪئي ويندي |
| .4 | 240 چورس گز کان وڌيڪ | بل جي 100 سيڪڙو رقم ادا ڪئي ويندي |

| جريان نمبر | في چورس فوٽ ايراضي (فليٽ/اپارٽمينٽ) | بيان ڪيل عرصي لاءِ ڇوٽ |
|---|---|---|
| .1 | 800 چورس فوٽ تائين فليٽ | بل جي ڪا رقم ادا نہ ڪئي ويندي |
| .2 | 800_1000 چورس فوٽ تائين | بل جي 25 سيڪڙو رقم ادا ڪئي ويندي |
| .3 | 1000_1200 چورس فوٽ تائين | بل جي 50 سيڪڙو رقم ادا ڪئي ويندي |
| .4 | 1200 چورس فوٽ کان وڌيڪ | بل جي 100 سيڪڙو رقم |

| | | |
|---|---|---|
| ادا كئي ويندي | | |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**